# فيضانِ نماز

سنڌي ترجمو





شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال
مُحَمَّد الياس عطّار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

جي ڪتاب "نماز جا احڪام" مان ورتل

مكتبة المدينه
(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله! اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت جي گهور فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(المستطرف ج 1 ص 40 دارالفڪر بيروت)

طالبِ غمِ مدينه بقيع و مغفرت

۱۳ شوال المکرم ۱۴۲۸ھ

نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو

## مجلسِ تراجم

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

فون نمبر: 021_34921389_90_91
E-mail: majlistarajim@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضان نماز[1]

## درود شريف جي فضيلت

سرڪار مدينہ، سلطان باقرينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن نماز کان پوءِ حمد و ثناءِ ۽ درود شريف پڙهڻ واري کي فرمايو: دعا گُهر! قبول ڪئي ويندي، سوال ڪر ڏنو ويندو!

(سنن النسائي ج 1 ص 220 حديث 1281)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] هي رسالو امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه جي تاليف "نماز جا احڪام" مان ورتل آهي وڌيڪ تفصيل جي لاءِ "نماز جا احڪام" جو مطالعو فرمايو. محرم الحرام 1433ھ مطابق ڊسمبر 2011ع
المدينة العلميه

## ايمان مُفَصَّل

| |
|---|
| اٰمَنۡتُ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓـئِكَتِهٖ وَ كُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَالۡيَوۡمِ |
| مون ايمان آندو الله تي ۽ ان جي فِرشتن تي ۽ ان جي ڪتابن تي ۽ ان جي رسولن تي ۽ قِيامت جي ڏينهن |
| الۡاٰخِرِ وَالۡقَدۡرِ خَيۡرِهٖ وَشَرِّهٖ مِنَ اللّٰهِ تَعَالٰى |
| تي ۽ ان تي تہ سُٺي ۽ بُري تقدير الله جي طرفان آهي |
| وَ الۡبَعۡثِ بَعۡدَ الۡمَوۡتِ |
| ۽ موت کان پوءِ اٿارڻ تي |

## ايمانِ مُجمَل

| |
|---|
| اٰمَنۡتُ بِاللّٰهِ كَمَا هُوَ بِاَسۡمَآئِهٖ وَصِفَاتِهٖ وَقَبِلۡتُ |

مون ايمان آندو **اللّٰه** تي جيئن هو پنهنجي نالن ۽ پنهنجي صِفتن سان آهي ۽

جَمِيعَ اَحۡكَامِهٖ اِقۡرَارٌۢ بِاللِّسَانِ وَتَصۡدِيۡقٌۢ بِالۡقَلۡبِ

مون ان جا سڀ احڪام قبول ڪيا زبان سان اِقرار ڪندي ۽ دل سان تصديق ڪندي.

# ڇهه ڪلمان شريف

## پهريون ڪلمون طيب

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ ط

**اللّٰه** ڪان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) **اللّٰه** جا رسول آهن.

## ٻيو ڪلمون شهادت

اَشۡهَدُ اَنۡ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحۡدَهٗ لَا شَرِيۡكَ لَهٗ

| |
|---|
| مان گواهي ڏيان ٿو تہ **اللّٰه** کان سواءِ ڪو مَعبُود ناهي هو اڪيلو آهي ان جو ڪو شريڪ ناهي، |
| وَاَشهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ط |
| ۽ مان گواهي ڏيان ٿو تہ بيشڪ محمد (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) **اللّٰه** جا ٻانها ۽ رسول آهن. |

## تيون ڪلمون تمجيد

| |
|---|
| سُبْحَانَ اللّٰهِ وَالْحَمْدُلِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ |
| **اللّٰه** پاڪ آهي ۽ سڀ خوبيون **اللّٰه** جي لاءِ آهن ۽ **اللّٰه** کان سواءِ ڪو معبود ناهي |
| وَاللّٰهُ اَكْبَرُ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ |
| ۽ **اللّٰه** سڀ کان وڏو آهي، ۽ گناهن کان بچڻ جي طاقت ۽ |
| اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيمِ |
| نيڪي ڪرڻ جي توفيق **اللّٰه** جي ئي طرفان آهي جيڪو سڀ کان بلند عَظمت وارو آهي. |

# چوٿون ڪلمون توحيد

| |
|---|
| لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ |
| الله کان سواءِ ڪو معبود ناهي هو اڪيلو آهي ان جو ڪو شريڪ ناهي انهي جي لاءِ بادشاهي آهي |
| وَ لَهُ الْحَمْدُ يُحْيٖ وَ يُمِيتُ وَهُوَ حَيٌّ لَّا يَمُوتُ اَبَدًا |
| ۽انهي جي لاءِ حمد آهي اهو ئي زنده ڪندو ۽ ماريندو آهي ۽ هو زنده آهي ان کي هرگز ڪڏهن موت نه ايندو |
| اَبَدًا ؕ ذُو الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ ؕ بِيَدِهِ الْخَيْرُ ؕ |
| وڏي جلال ۽ بزرگي وارو آهي ان جي هٿ ۾ ڀلائي آهي |
| وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ؕ |
| ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي. |

# پنجون ڪلمون اِسۡتِغۡفار

| |
|---|
| اَسۡتَغۡفِرُ اللّٰهَ رَبِّیۡ مِنۡ کُلِّ ذَنۡۢبٍ اَذۡنَبۡتُهٗ عَمَدًا اَوۡ |
| مان الله ڪان معافي گهران ٿو جيڪو منهنجو پَروَردگار آهي هر گناه ڪان جيڪو مون ڄاڻي واڻي ڪيو يا |
| خَطَاً سِرًّا اَوۡ عَلَانِیَةً وَّاَتُوۡبُ اِلَیۡهِ مِنَ الذَّنۡۢبِ |
| يلجي ڪيو، لڪي ڪري ڪيو يا ظاهر ۾ ڪيو، ۽ مان ان جي بارگاهه ۾ توبه ڪيان ٿو ان گناه ڪان جنهن کي |
| الَّذِیۡۤ اَعۡلَمُ وَمِنَ الذَّنۡۢبِ الَّذِیۡ لَاۤ اَعۡلَمُ اِنَّكَ اَنۡتَ |
| مان ڄاڻان ٿو ۽ ان گناه ڪان بہ جنهن کي مان نٿو ڄاڻان (اي الله) بيشڪ تون |
| عَلَّامُ الۡغُیُوۡبِ وَسَتَّارُ الۡعُیُوۡبِ وَغَفَّارُ الذُّنُوۡبِ |
| غيبن جو ڄاڻيندڙ ۽ عيبن کي لڪائيندڙ ۽ گناهن جو بخشيندڙ آهين ۽ گناه ڪان بچڻ |

وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ ط

جي طاقت ۽ نيڪي ڪرڻ جي قوت الله جي ئي طرفان آهي جيڪو سڀ کان بلند عظمت وارو آهي.

## چهون ڪلمون رَدِّ ڪُفر

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُبِكَ مِنْ اَنْ اُشْرِكَ بِكَ شَيْئًا وَّ اَنَا

اي الله مان تنهنجي پناه گهران ٿو هن ڳالهه کان تہ مان ڪنهن شيء کي تنهنجو شريڪ بڻايان ڄاڻي واڻي

اَعْلَمُ بِهٖ وَاَسْتَغْفِرُكَ لِمَا لَآ اَعْلَمُ بِهٖ تُبْتُ عَنْهُ

۽ بخشش گهران ٿو تو کان ان (شرڪ) جي جنهن کي مان نہ ٿو ڄاڻان ۽ مون ان کان توبہ ڪئي

وَتَبَرَّأْتُ مِنَ الْكُفْرِ وَالشِّرْكِ وَالْكِذْبِ

۽ مان بيزار ٿيس ڪفر کان ۽ شرڪ کان ۽ ڪوڙ کان

| |
|---|
| وَالْغِيْبَةِ وَالْبِدْعَةِ وَالنَّمِيْمَةِ وَالْفَوَاحِشِ |
| ۽ غيبت کان ۽ بدعت کان ۽ چغلي کان ۽ بي حيائين کان |
| وَالْبُهْتَانِ وَالْمَعَاصِىْ كُلِّهَا وَاَسْلَمْتُ |
| ۽ بهتان کان ۽ تمام گناهن کان ۽ مون اسلام قبول ڪيو |
| وَاَقُوْلُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ؕ |
| ۽ مان چوان ٿو الله کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، محمد صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم الله جا رسول آهن |

## وضوءَ جو طريقو

ڪَعبَةُالله شريف ڏانهن منهن ڪري مٿانهين جڳهه تي ويهڻ مُسۡتَحب آهي. وُضوءَ جي لاءِ نيّت ڪرڻ سنّت آهي، نيّت دل جي ارادي ڪي چئبو آهي، دل ۾ نيّت هجي تڏهن بہ زبان سان چوڻ

افضل آهي، تنهنڪري زبان سان هن طرح نيّت ڪريو تہ مان الله عَزَّوَجَلَّ جو حُڪم بجا آڻڻ ۽ پاڪائي حاصل ڪرڻ لاءِ وُضو ڪري رهيو آهيان "بِسۡمِ الله" چئي چڙهيو جو هي بہ سنّت آهي، بلڪ "بِسۡمِ الله وَالۡحَمۡدُلله" چئو جو جيستائين باوضو رهندؤ فرشتا نيڪيون لکندا رهندا. هاڻي ٻئي هٿ ٽي ٽي دفعا ڪرائين تائين ڌوئو، (ٽونٽي کي بند ڪري) ٻنهي هٿن جي آڱرين جو خِلال بہ ڪريو. گهٽ ۾ گهٽ ٽي ٽي ڀيرا ساڄي کاٻي هيٺ مٿي جي ڏندن ۾ ڏندڻ ڪيو ۽ هر ڀيري ڏندڻ کي ڌوئو.

هاڻي ساڄي هٿ سان ۽ ٽن ڀُڪن جيتري پاڻيءَ سان (هر ڀيري ٽونٽي بند ڪري) اهڙي طرح ٽي ڪرڙيون ڪريو جو هر ڀيري وات جي هر حصي تائين پاڻي

پهچي وڃي جيڪڏهن روزو نہ هجي تہ گرڙا بہ ڪريو، پوءِ ساڄي هٿ جي ٽن ٻُڪن جيتري پاڻي (هاڻي هر ڀيري اڌ ٻُڪ پاڻي ڪافي آهي) سان (هر ڀيري ٽونٽي بند ڪري) ٽي ڀيرا نڪ ۾ نرم گوشت تائين پاڻي پهچايو ۽ جيڪڏهن روزو نہ هجي تہ نڪ جي پاڙ تائين پاڻي پهچايو. هاڻي (ٽونٽي بند ڪري) کاٻي هٿ سان نڪ صاف ڪريو ۽ ڇيچ نڪ جي سوراخن ۾ وجهو، ٽي ڀيرا سڄو چهرو اهڙيءَ طرح ڌوئو، جو جتان کان عادتاً مٿي جا وار ڦٽڻ شروع ٿيندا آهن اُتان کان کاڏيءَ جي هيٺيان تائين ۽ هڪ ڪن جي پاپڙي کان ٻئي ڪن جي پاپڙيءَ تائين هر جڳهہ تي پاڻي وهي وڃي.

جيڪڏهن ڏاڙهي هجي ۽ اِحرام ٻَڌل ناهي تہ

(ٽونٽي بند ڪرڻ کان پوءِ) اهڙيءَ طرح خِلال ڪريو جو آڱريون گلي واري پاسي کان داخل ڪري سامهون واري پاسي کان ڪڍو، پوءِ پهريان ساڄي پانهن آڱرين جي منڍن کان ڌوئڻ شروع ڪري نونڻين سميت ٽي ڀيرا ڌوئو، اهڙيءَ طرح پوءِ کاٻي ٻانهن ڌوئو، ۽ ٻئي هٿ اڌ ٻانهن تائين ڌوئڻ مُستَحب آهن. گهڻا ماڻهو پاڻيءَ جو ٻُڪ ڀري ڪرائن کان ٽي ڀيرا ڇڏي ڏيندا آهن جيڪو نونڻ تائين وهندو ويندو آهي ائين ڪرڻ سان نونڻين ۽ ڪارائن جي گهنجن تي پاڻي نہ پهچڻ جو انديشو آهي تنهن ڪري بيان ڪيل طريقي مطابق هٿ ڌوئو، هاڻي ٻُڪ ڀري نونڻ تائين پاڻي وهائڻ جي ضرورت ناهي بلڪ (بنا اجازت صحيح ائين ڪرڻ) اهو پاڻيءَ جو اِسراف آهي. هاڻي (ٽونٽي بند ڪري) مٿي جو مسح اهڙيءَ طرح ڪيو جو ٻئي

آڱوٺا ۽ شهادت واريون آڱريون ڇڏي ٻنهي هٿن
جي ٽنهي آڱرين جا مُنڍا هڪ ٻئي سان ملايو ۽
پيشاني جي وارن يا ڳلَ تي رکي مٿي کياڙيءَ
تائين اهڙيءَ طرح ڪٽي وڃو جو ترِيون مٿي کان
الڳ رهن ۽ وري کِياڙيءَ سان ترِيون ملائي
پيشاني تائين آڻيو، ۽ شهادت واريون آڱريون ۽
آڱوٺا ان دؤران مٿي سان بلڪل نہ لڳن، ۽ پوءِ
شهادت واري آڱرين سان ڪنن جي اندروني حصي
جو ۽ آڱوٺن سان ڪنن جي ٻاهرين حصي جو مسح
ڪريو ۽ چيچ ڪنن جي سوراخن ۾ داخل ڪريو ۽
آڱرين جي پوئين پاسي سان ڪنڌ جي پوئين حصي
جو مسح ڪريو، ڪجھ ماڻهو ڳلي جو ۽ ڌوتل
هٿن جي نونئين ۽ ڪراين جو مسح ڪندا آهن اها

سنّت ناهي. مٿي جو مسح ڪرڻ کان اڳ ٽونٽي
چڱيءَ طرح بند ڪرڻ جي عادت بڻايو، بنا سبب
ٽونٽي کليل ڇڏي ڏيڻ يا ٿورو بند ڪرڻ، جو پاڻي
ٽِمندو رهي گناهه آهي. پوءِ ڀيريان ساڄو پوءِ کاٻو
پير هر ڀيري آڱرين کان شروع ڪري ڍڻين کان
مٿي تائين بلڪ مُسْتَحب آهي ته اڌ ڀِنين تائين ٿي
ٿي ڀيرا ڌوئي ڇڏيو، ٻنهي پيرن جي آڱرين جو
خِلال ڪرڻ سنّت آهي. (خِلال جي دؤران ٽونٽي بند
رکو) ان جو مُسْتَحب طريقو اهو آهي ته کاٻي هٿ
جي چيچ سان ساڄي پير جي چيچ جو خِلال شروع
ڪري آڱوٺي تي ختم ڪريو ۽ کاٻي هٿ جي چيچ
سان کاٻي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ
تي ختم ڪريو. (عام ڪتب)

**وضو ڪان پوءِ هيٺين دعا بہ پڙهي ڇڏيو!** (اول ۽ آخر درود شريف)

| |
|---|
| اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنِيْ مِنَ التَّوَّابِيْنَ وَاجْعَلْنِيْ مِنَ الْمُتَطَهِّرِيْنَ |
| اي الله عَزَّوَجَلَّ مون کي ڪثرت سان توبهہ ڪرڻ وارن ۾ بڻاءِ ۽ مون کي پاڪيزه رهڻ وارن ۾ شامل ڪر. |

(جامع ترمذي ج 1 ص 121 حديث 55)

وضو ڪان پوءِ ڪلمو شهادت ۽ سورة قدر پڙهي وڃو حديث مبارڪن ۾ ان جا فضائل بيان ڪيا ويا آهن.

## لفظ "الله" جي چئن اکرن جي نسبت سان وضو جا چار فرض

﴿1﴾ منهن ڌوئڻ ﴿2﴾ نونٺين سميت ٻئي ٻانهون ڌوئڻ ﴿3﴾ مٿي جي چوٿين حصي جو مَسَحُ ڪرڻ ﴿4﴾ پيرن سميت ٻئي پير ڌوئڻ .

(الفتاويٰ الهندية ج 1 ص 3)

# غُسل جو طريقو

بنا زبان چورڻ جي دل ۾ هيئن نيّت ڪريو تہ مان پاڪائي حاصل ڪرڻ لاءِ غُسل ڪريان ٿو، پهرين ٻئي هٿ ڪراين تائين ٽي ٽي ڀيرا ڌوئو، پوءِ پيشاب واري جڳهہ ڌوئو چاهي نجاست هجي يا نہ، ۽ پوءِ جيڪڏهن جسم تي ڪٿي نجاست هجي تہ ان کي دور ڪيو، پوءِ وضو ڪريو پر پير نہ ڌوئو، ها جيڪڏهن صَندلي وغيره تي غسل ڪري رهيا آهيو تہ پير بہ ڌوئي ڇڏيو، پوءِ جسم تي تيل وانگر پاڻي مکيو، خاص ڪري سياري ۾ (ان دؤران صابڻ بہ هڻي سگهو ٿا) پوءِ ٽي ڀيرا ساڄي ڪُلهي تي پاڻي وهايو، ۽ پوءِ کاٻي ڪُلهي تي، پوءِ مٿي تي ۽ سڄي جسم تي ٽي ڀيرا، پوءِ غسل جي

جاءِ ڪان جدا ٿي وڃو، جيڪڏهن وضو ڪرڻ ۾ پير نہ ڌوتا هئا تہ هاڻي ڌوئي ڇڏيو، وهنجڻ مهل قبلي ڏانهن رُخ نہ ڪيو، سڄي جسم تي هٿ ڦيري ۽ مَهٽي وهنجو، اهڙي جڳهہ تي وهنجو جو ڪنهن جي نظر نہ پوي، جيڪڏهن اهو ممڪن نہ هجي تہ مرد پنهنجي اوگهڙ (دُنَ ڪان وٺي ٻنهي گوڏن سميت) ڪنهن ٿُلهي ڪپڙي سان ڍڪي، ٿلهو ڪپڙو نہ هجي تہ ضرورت مطابق ٻہ يا ٽي ڪپڙا ويڙهي ڇڏي ڇوتہ سنهو ڪپڙو هوندو تہ پاڻيءَ سان جسم تي چنبڙي پوندو ۽ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ گوڏن يا رانن وغيره جي رنگت ظاهر ٿيندي، عورت کي تہ اجا وڌيڪ اِحتِياط جي ضرورت آهي. غُسل جي دؤران ڪنهن بہ قسم جي گفتگو نہ ڪريو ۽ ڪا دُعا بہ نہ پڙهو،

وهنجڻ کان پوءِ ٽوال سان بدن اگھڻ ۾ حرج ناهي، وهنجڻ کان پوءِ جلدي ڪپڙا پائي ڇڏيو ۽ جيڪڏهن مڪروهه وقت نہ هجي تہ ٻہ رڪعتون نفل ادا ڪرڻ مُسۡتَحَب آهي. (عام ڪتب فقہ)

## غُسل جا ٽي فرض

﴿1﴾ ڳُرڙي ڪرڻ ﴿2﴾ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ ﴿3﴾ سڄي ظاهري جسم تي پاڻي وهائڻ.

(الفتاويٰ الهندية ج 1 ص 13)

## تَيَمُّم جو طريقو

"تَيَمُّم" جي نيّت ڪريو (نيّت دل جي ارادي جو نالو آهي، زبان سان بہ چئي ڇڏيو تہ بهتر آهي مثلاً ائين چئو: بي وضوئي يا بي غسلي يا ٻنهي کان پاڪائي حاصل ڪرڻ ۽ نماز جائز هئڻ جي لاءِ تَيَمُّم ڪريان ٿو) "بِسۡمِ اللّٰهِ"

پڙهي ڪري ٻنهي هٿن جون آڱريون ويڪريون ڪري ڪنهن اهڙي پاڪ شيءِ جيڪا زمين جي قسم (مثلاً پٿر، چوني، سر، ڀِت، مٽي وغيره) مان هجي ان تي لڳايو (يعني اڳتي ۽ پوئتي ڪريو) ۽ جيڪڏهن گهڻي مٽي لڳي وڃي ته ڇنڊي ڇڏيو ۽ ان سان سڄي منهن جو اهڙيءَ طرح مَسح ڪيو جو ڪو حصو رهجي نه وڃي، جيڪڏهن وار جيتري به ڪا جڳهه رهجي وئي ته تَيَمُّم نه ٿيندو، پوءِ ٻيهر اهڙي طرح هٿ زمين تي هڻي ڪري ٻنهي ٻانهن جو ننهن کان وٺي نونئين سميت مَسح ڪريو. ان جو بهتر طريقو هي آهي ته کابي هٿ جي آڱوٺي کان علاوه چئني آڱرين جو پيٽ ساڄي هٿ جي پُٺيءَ تي رکو ۽ آڱرين جي مُنڍن کان نونئين تائين ڪٽي

وجو پوءِ اتان کان ڪاٻي هٿ جي ئي ترِيءَ سان ساڄي ٻانهن جي پيٺ جو مَسح ڪندي ڪرائيءِ تائين آڻيو، ۽ ڪاٻي آڱوٺي جي پيٺ سان ساڄي آڱوٺي جي پُٺيءَ جو مَسح ڪريو. اهڙيءَ طرح ساڄي هٿ سان ڪاٻي ٻانهن جو مَسح ڪريو.

(فتاويٰ تاتار خانيه ج 1 ص227)

۽ جيڪڏهن هڪ ئي دفعي سان ترِيءَ ۽ آڱرين سان مَسح ڪري ورتو ته تڏهن به "تَيَمُّم" ٿي ويو، چاهي نونهن کان آڱرين ڏانهن هٿ ڪڍي وڃي يا آڱرين کان نونهن ڏانهن ڪڍي وڃي، پر سنّت جي خلاف ٿيو. تَيَمُّم ۾ مٿي ۽ پيرن جو مَسح ناهي.

(عام ڪتب فقه)

# تَيَمُّم جا فرض

تَيَمُّم ۾ ٽي فرض آهن: ﴿1﴾ نيّت ﴿2﴾ سڄي منهن تي هٿ ڦيرڻ ﴿3﴾ ٺونٺين سميت ٻنهي ٻانهن جو مَسح ڪرڻ. (بهارِ شريعت ج 1 ص 353)

# اذان

| | |
|---|---|
| اَللّٰهُ اَكْبَرُؕ | اَللّٰهُ اَكْبَرُؕ |
| الله سڀ کان وڏو آهي | الله سڀ کان وڏو آهي |
| اَللّٰهُ اَكْبَرُؕ | اَللّٰهُ اَكْبَرُؕ |
| الله سڀ کان وڏو آهي | الله سڀ کان وڏو آهي |
| اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُؕ | |
| مان گواهي ڏيان ٿو تہ الله کان سواءِ ڪو مَعبُود ناهي | |

| | |
|---|---|
| اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ ط | |
| مان گواهي ڏيان ٿو تہ الله کان سواءِ ڪو مَعبُود ناهي | |
| اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ ط | |
| مان گواهي ڏيان ٿو تہ حضرت محمد ﷺ الله جا رسول آهن | |
| اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ ط | |
| مان گواهي ڏيان ٿو تہ حضرت محمد ﷺ الله جا رسول آهن | |
| حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ ط | حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ ط |
| نماز پڙهڻ جي لاءِ اچو | نماز پڙهڻ جي لاءِ اچو |
| حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ ط | حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ ط |
| ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ اچو | ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ اچو |
| اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط | اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط |

| | |
|---|---|
| اللہ سڀ کان وڏو آهي | اللہ سڀ کان وڏو آهي |
| لَآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰـهُ ط | |
| اللہ کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي | |

## اذان جي جواب جو طريقو

مُؤَذِّن صاحب کي گهرجي تہ اذان جا جملا آهستي آهستي ادا ڪري، "اَللّٰهُ اَكْبَر ط اَللّٰهُ اَكْبَر" ٻئي ملي (بنا وقفو ڪندي هڪ ٻئي سان ملائي پڙهڻ جي اعتبار سان) هڪ جملو آهن. ٻنهي کان پوءِ سڪتو ڪري (يعني چپ ٿي وڃي) ۽ سڪتي جي مقدار هي آهي تہ جواب ڏيڻ وارو جواب ڏئي وٺي، سڪتي کي ڇڏي ڏيڻ مڪروه آهي ۽ اهڙي اذان جو اعادو (يعني ٻيهر ڏيڻ) مستحب آهي. (الدرمختار و رد المحتار ج 2 ص

66) جواب ڏيڻ واري کي گهرجي تہ جڏهن مُؤَذِّن صاحب "اَللّٰهُ اَكْبَر ط اَللّٰهُ اَكْبَر" چئي سڪتو ڪري يعني خاموش ٿئي تہ ان وقت "اَللّٰهُ اَكْبَر ط اَللّٰهُ اَكْبَر" چئي اهڙي طرح بين جملن جو جواب ڏئي جڏهن مؤذن پهريون پيرو "اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسولُ اللّٰهِ" چوي تہ هي چوي:

"صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه"

توهان تي درود هجي يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(رد المحتار ج 2 ص 84)

جڏهن ٻيو پيرو چوي تہ جواب ڏيڻ وارو چوي:

"قُرَّةُ عَيْنِيْ بِكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ"

يارسول الله (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! اوهان سان منهنجي اکين جي ٿڌاڻ آهي. (المرجع السابق)

ٻئي ڀيري آڱوٺن جا نُنهن اکين سان لڳائي آخر ۾ چوي:

اَللّٰهُمَّ مَتِّعْنِیْ بِالسَّمْعِ وَالْبَصَرِ

اي الله !منهنجي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي قوت مان مون کي نفعو عطا فرماءِ (المرجع السابق)

جيڪو ائين ڪندو سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي پويان پويان جنت ۾ وٺي ويندا.

(المرجع السابق)

"حَيَّ عَلَى الصَّلٰوۃ ۽ حَيَّ عَلَى الْفَلَاح" جي جواب ۾ (چار ئي ڀيرا)

"لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ" چوي ۽ بهتر هي آهي تہ ٻئي چوي (يعني جيڪو مؤذِّن چيو اهو بہ چوي ۽ لَاحَوْلَ بہ) بلڪ اهو بہ وڌيڪ چئي ڇڏي.

"مَاشَآءَ اللهُ كَانَ وَمَالَمْ يَشَأْ لَمْ يَكُنْ"

جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ چاهيو ٿيو ۽ جيڪو نہ چاهيو نہ ٿيو

(الدرمختار و رد المحتار ج 2 ص 82، الفتاويٰ الهندية ج1 ص 57)

"اَلصَّلٰوةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ" جي جواب ۾ چوي:

"صَدَقْتَ وَ بَرَرْتَ وَ بِالْحَقِّ نَطَقْتَ"

۽ تون سچو ۽ نيڪوڪار آهين ۽ تو حق چيو آهي

(الدرالمختار و ردالمحتار، ج 2 ص 83)

## اذان جي دعا

| |
|---|
| اَللّٰهُمَّ رَبَّ هٰذِهِ الدَّعْوَةِ التَّآمَّةِ وَالصَّلٰوةِ |
| اي الله عَزَّوَجَلَّ هن دعوت تامّ ۽ صلاةِ قائم جا مالڪ! |
| الْقَآ ئِمَةِ اٰتِ سَيِّدَنَا مُحَمَّدَ نِ الْوَسِيْلَةَ وَالْفَضِيْلَةَ |
| تون اسان جي سردار حضرت محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي وسيلو ۽ فضيلت |
| وَالدَّرَجَةَ الرَّفِيْعَةَ وَابْعَثْهُ مَقَامًا مَّحْمُوْدَ نِ الَّذِیْ |

| |
|---|
| ۽ تمام بلند درجو عطا فرماءِ ۽ انهن کي مقام مَحمُود ۾ بيهار جنهن جو تون ساڻن واعدو ڪيو آهي |
| وَعَدْتَّهٗ وَارْزُقْنَا شَفَاعَتَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّكَ |
| ۽ اسان کي قِيامت جي ڏينهن سندن جي شَفاعت نصيب فرماءِ، بيشڪ تون |
| لَا تُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ؕ بِرَحْمَتِكَ |
| واعدي جي خلاف ناهين ڪندو، اسان تي پنهنجي |
| يَآ اَرْحَمَ الرّٰحِمِيْنَ |
| رحمت فرماءِ اي سڀ کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارا |

## نماز جو طريقو

با وضو قبلي ڏانهن اهڙيءَ طرح منهن ڪري بيهو جو ٻنهي پيرن جي وچ ۾ چئن آڱرين جو

مُفاصلو هجي ۽ ٻئي هٿ ڪنن تائين کڻي وڃو جو آڱوٺا ڪنن جي پاپڙين کي لڳن ۽ آڱريون نہ پاڻ ۾ مليل هجن نہ بلڪل کليل بلڪ پنهنجي حالت تي نارمل (Normal) رکو ۽ هٿن جون ترِيون قِبلي ڏانهن هجن نظر سجدي جي جڳهہ تي هجي، پوءِ جيڪا نماز پڙهڻي آهي، ان جي نِيّت يعني دل ۾ ان جو پڪو ارادو ڪريو، ۽ زبان سان بہ چئي ڇڏيو تہ وڌيڪ بهتر آهي (**مثال طور:** نيّت ڪئي مون اڄوڪي ظهر نماز جون چار رڪعتون فرض جي، جيڪڏهن جماعت سان پڙهي رهيا آهيو تہ اهو بہ چئي ڇڏيو پُٺيان هن امام جي) هاڻي تڪبيرِ تَحريمه يعني "اَللّٰهُ اَكْبَر" چوندي هٿ هيٺ ڪريو ۽ دُن جي هيٺان اهڙيءَ طرحَ ٻَڌو جو ساڄي هٿ جي ترِي کاٻي هٿ جي

ڪَرائيءَ جي منڍ تي ۽ وچ واريون ٽي آڱريون ڪاٻي ڪرائيءَ جي پُٺ تي ۽ آڱوٺو ۽ چيچ ڪرائيءَ جي چوڌاري هجي، هاڻي هيئن ثناء پڙهو:

## ثناء

| |
|---|
| سُبۡحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَ بِحَمۡدِكَ وَ تَبَارَكَ اسۡمُكَ |
| پاڪ آهين تون اي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ آءُ تنهنجي حمد ڪيان ٿو، تنهنجو نالو برڪت وارو آهي |
| وَ تَعَالٰى جَدُّكَ وَ لَآ اِلٰهَ غَيۡرُكَ ط |
| ۽ تنهنجي عظمت بلند آهي ۽ تو کان سواءِ ڪو معبود ناهي. |

پوءِ تَعَوُّذ پڙهو:

اَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ

آءُ الله تعاليٰ جي پناهه ۾ اچان ٿو شيطان مردود کان

پوءِ تَسۡمِيَہ پڙهو:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الله نهايت مهربان ٻاجهاري جي نالي سان (شروع)

پوءِ سڄي سورهءِ فاتحہ پڙهو

| | |
|---|---|
| اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۙ﴿۱﴾ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۙ﴿۲﴾ مٰلِكِ يَوۡمِ الدِّيۡنِ ؕ﴿۳﴾ اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ ؕ﴿۴﴾ اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ ۙ﴿۵﴾ صِرَاطَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ ۙ۬ غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَلَا الضَّآلِّيۡنَ ﴿۷﴾ | **ترجموڪنزالايمان:** سڀ خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جيڪو سڄي جهان وارن جو پالڻهار، نهايت مهربان ٻاجهارو، جزا جي ڏينهن جو مالڪ آهي. اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ توکان ئي مدد گهرون، اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ، انهن جو رستو جن تي تو احسان ڪيو، نہ (انهن جو) جن تي غضب ٿيو ۽ نہ گمراهن جو. |

سُورَهء فاتحه ختم ڪري آهستي ”آمين“ چئو، پوءِ ٽي آيتون يا هڪ وڏي آيت جيڪا ٽن ننڍين آيتن جي برابر هجي يا ڪا **سورت** مثال طور سورهءِ اِخلاص پڙهو:

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اللّٰه نهايت مهربان ٻاجهاري جي نالي سان (شروع)

| | |
|---|---|
| قُلۡ ھُوَ اللّٰہُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾<br>اَللّٰہُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ لَمۡ یَلِدۡ ۬ۙ<br>وَ لَمۡ یُوۡلَدۡ ۙ﴿۳﴾ وَ لَمۡ یَکُنۡ<br>لَّہٗ کُفُوًا اَحَدٌ ٪﴿۴﴾ | **ترجموڪنزالايمان:** تون فرماءِ اهو اللّٰه آهي اهو هڪ آهي، اللّٰه بي نياز آهي، نہ ان جي ڪا اولاد ۽ نہ اهو ڪنهن کان پيدا ٿيو، ۽ نہ وري ان جو ڪو ثاني (۽ مٽ) آهي. |

هاڻي ”اَللّٰهُ اَكْبَر“ چوندي رُڪُوع ۾ وڃو ۽ گوڏن کي اهڙيءَ طرح هٿن سان پڪڙيو جو هٿن جون ٽِريون گوڏن تي ۽ آڱريون چڱيءَ طرح کُليل هجن پُٺي وڇايل ۽ مٿو پُٺيءَ سان برابر هجي هيٺ مٿي نہ هجي ۽ نظر پيرن تي هجي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا رُڪوع واري تَسبِيح يعني ”سُبۡحٰنَ رَبِّيَ الۡعَظِيۡم“ (يعني پاڪ آهي منهنجو عَظمت وارو ربّ) چئو پوءِ تَسۡمِيع يعني سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنۡ حَمِدَه، (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي ٻڌي ورتي جنهن ان جي واکاڻ ڪئي) چوندي بلڪل سڌا ٿي بيهو، ان بيهڻ کي قَومَہ چئبو آهي جيڪڏهن توهان مُنفَرِد آهيو يعني اڪيلا نماز پڙهي رهيا آهيو تہ ان کان پوءِ چئو:

اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا وَلَكَ الۡحَمۡد

(يعني اي الله! اسان جا مالڪ! سڀ خوبيون تنهنجي لاءِ ئي آهن) پوءِ "اَللّٰهُ اَكْبَر" چوندي اهڙيءَ طرح سجدي ۾ وڃو جو اڳ ۾ گوڏا زمين تي رکو ۽ پوءِ هٿ پوءِ ٻنهي هٿن جي وچ ۾ اهڙي طرح مٿو رکو جو اڳ ۾ نڪ پوءِ پيشاني ۽ اهو خاص خيال رکو ته نڪ جي چوٽي نه بلڪ هڏي لڳي ۽ پيشاني زمين تي ڄمي وڃي نظر نڪ تي رهي، ٻانهن کي پاسن کان، پيٽ کي رانن کان ۽ رانن کي پنين کان الڳ رکو، (ها جيڪڏهن صَف ۾ هجو ته ٻانهون پاسن سان لڳائي رکو) ۽ ٻنهي پيرن جي ڏهن ئي آڱرين جو رُخ اهڙي طرح قبلي ڏانهن رهي جو ڏهن ئي آڱرين جا پيٽ (يعني آڱرين جي ترن جا اپريل حصا) زمين تي لڳل رهن، هٿن جون تريون وڇايل هجن ۽ آڱريون

قبلي ڏانهن هجن پر ٻانهون زمين سان لڳائي نہ
رکو ۽ هاڻي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا سجدي جي
تسبيح "سُبۡحٰنَ رَبِّيَ الۡاَعۡلٰى" (پاڪ آهي منهنجو پروردگار
سڀني کان بلند) پڙهو، پوءِ مٿو اهڙي طرح کڻو جو
پهريان پيشاني پوءِ نڪ ۽ پوءِ هٿ کڻو پوءِ ساڄو پير
ٻيهاري ان جون آڱريون قبلي ڏانهن ڪري چڙهيو ۽
کاٻو پير وڇائي ان تي بلڪل سڌا ٿي ويهي رهو ۽
ٽريون وڇائي ڪري رانن تي گوڏن وٽ اهڙيءَ طرح
رکو جو ٻنهي هٿن جون آڱريون قبلي ڏانهن ۽ آڱرين
جا مُنڍا گوڏن وٽ هجن، ٻنهي سجدن جي وچ ۾ ويهڻ
کي جَلسَہ چئبو آهي، پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو
سُبۡحٰنَ الله چوڻ جيتري مقدار برابر ترسو (ان وقفي ۾
اَللّٰهُمَّ اغۡفِرۡ لِي يعني "اي الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت فرماءِ"
چوڻ مستحب آهي) پوءِ "اَللهُ اَكۡبَر" چوندي پهرئين سجدي

وانگر ٻيو سجدو ڪريو، هاڻي پهريان مٿو مٿي ڪڍو پوءِ هٿن کي گوڏن تي رکي ڪري پيرن پر اٿي بيهو، اُٿڻ وقت بنا مجبوري جي زمين تي هٿن سان ٽيڪ نہ لڳايو، اها توهان جي هڪ رَڪعت پوري ٿي، هاڻي ٻي رڪعت ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري **اَلحَمدُ** ۽ **سورت** پڙهو ۽ اڳ جيان **رُڪوع** ۽ **سجدا** ڪريو، ٻئي سجدي مان مٿو ڪڍڻ کان پوءِ ساڄو پير بيهاري کاٻو پير وڇائي ڪري ويهي رهو، ٻن رَڪعتن جي ٻئي سجدي کان پوءِ ويهڻ کي **قَعدَه** چئبو آهي، هاڻي قعده ۾ **تَشَهُّد** پڙهو:

| |
|---|
| اَلتَّحِيَّاتُ لِلّٰهِ وَالصَّلَوَاتُ وَالطَّيِّبٰتُ ط اَلسَّلَامُ عَلَيۡكَ |
| سيئي قولي، فعلي ۽ مالي عبادتون **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ئي آهن، سلام هجي توهان تي اي نبي، |

| |
|---|
| اَيُّهَاالنَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ط اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا |
| ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جون رحمتون ۽ برڪتون، سلام هجي اسان تي |
| وَعَلٰى عِبَادِاللّٰهِ الصّٰلِحِيْنَ ط اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ |
| ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي، آءٌ گواهي ڏيان ٿو تہ الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي |
| وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ط |
| ۽ آءٌ گواهي ڏيان ٿو، محمد صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم ان جا ٻانها ۽ رسول آهن. |

جڏهن تَشَهُّد ۾ لفظ ”لا“ تي پهچو تہ ساڄي هٿ جي وچين آڱر ۽ آڱوٺي جي گولائي ٺاهيو ۽ چيچ ۽ بِنصَر يعني ان سان مليل آڱر کي تِريءَ سان ملائي ڇڏيو ۽ (اَشْهَدُ اَنْ کان فورًا پوءِ) لفظ ”لا“ چوندي ئي شهادت واري آڱر کڻو پر ان کي هيڏي هوڏي

نہ لوڏيو ۽ لفظ ”اِلَّا“ تي هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ جلدي سيڌي آڱريون سِڌيون ڪري ڇڏيو، هاڻي جيڪڏهن ٻن کان وڌيڪ رڪعتون پڙهڻيون هجن تہ ”اَللّٰهُ اَكْبَر“ چوندي اٿي بيهو جيڪڏهن فرض نماز پڙهي رهيا آهيو تہ ٽين ۽ چوٿين رڪعت جي قِيام ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۽ اَلۡحَمۡد شريف پڙهو، ۽ هاڻي سورت ملائڻ جي ضرورت ناهي، باقي رڪن بہ ائين ئي پورا ڪريو، ۽ جيڪڏهن سنّت ۽ نفل هجن تہ ”سورهٔ فاتحه“ کان پوءِ سورت بہ ملايو (ها جيڪڏهن امام جي پُٺيان نماز پڙهي رهيا آهيو تہ ڪنهن بہ رڪعت جي قِيام ۾ قِراءَت نہ ڪريو خاموش بيٺا رهو) پوءِ چار ئي رَڪعتون پوريون ڪري قَعدهٔ اَخِيره ۾ تَشَهُّد کان پوءِ دُرُودِ ابراهيم عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پڙهو

| |
|---|
| اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰۤی اٰلِ مُحَمَّدٍ کَمَا صَلَّیْتَ |
| اي ا الله عَزَّوَجَلَّ درود موڪل(اسان جي سردار) محمد تي ﷺ سندن آل تي جهڙي طرح تون درود موڪليو |
| عَلٰۤی اِبْرٰھِیْمَ وَعَلٰۤی اٰلِ اِبْرٰھِیْمَ اِنَّکَ حَمِیْدٌ مَّجِیْدٌ ط |
| (سيدنا) ابراهيم تي ؑ سندن آل تي، بيشڪ تون ساراهيل بزرگي وارو آهين |
| اَللّٰھُمَّ بَارِکْ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰۤی اٰلِ مُحَمَّدٍ کَمَا بَارَکْتَ |
| اي الله عَزَّوَجَلَّ برڪت نازل ڪر (اسان جي سردار) محمد تي ﷺ سندن آل تي جهڙي طرح تون برڪت نازل ڪئي (سيدُنا) |
| عَلٰۤی اِبْرٰھِیْمَ وَعَلٰۤی اٰلِ اِبْرٰھِیْمَ اِنَّکَ حَمِیْدٌ مَّجِیْدٌ ط |
| ابراهيم ؑ سندن آل تي، بيشڪ تون ساراهيل بزرگي وارو آهين. |

پوءِ ڪا بہ دعاءِ ماثوره پڙهو مثال طور هيءَ دعا پڙهو:

| |
|---|
| اَللّٰھُمَّ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِی الدُّنْیَا حَسَنَةً |
| اي الله عَزَّوَجَلَّ! اي ربّ اسان جا! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي |
| وَّ فِی الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ |
| ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ . |

پوءِ نماز ختم ڪرڻ لاءِ اڳ ۾ ساڄي ڪلهي جي طرف مُنهن ڪري ”اَلسَّلَامُ عَلَیۡکُمۡ وَ رَحۡمَۃُ اللہ“ چئو ۽ اهڙي طرح کاٻي طرف، هاڻي نماز ختم ٿي.

(مراقي الفلاح مع حاشية الطحطاوي ص 278 غنية المتملي ص 298)

## ”یااللہ“ جي ڇهن اکرن جي نسبت سان نماز جا 6 شرط

1. طهارت 2. سَتر عورت 3. اِستِقبال قبله 4. وقت 5. نيّت 6. تکبير تحريمه

## ”بِسۡمِ اللهِ“ جي ستن اکرن جي نسبت سان نماز جا ست فرض

(1) تَڪبيرِ تحريمه (2) قِيام (3) قِراءَت (4) رُڪُوع (5) سَجدا (6) قَعده اَخِيرَه (7) خُرُوج بِصُنعِهٖ (غنية المتملي ص 256)

## ”قيامت ۾ سڀ کان اڳ ۾ نماز جو پڇاڻو ٿيندو“ جي ٽيهه اکرن جي نسبت سان تقريبا 30 واجب

(1) تڪبيرِ تَحرِيمه ۾ لفظ ”اَللّٰهُ اَكۡبَر“ چوڻ (2) فرض جي ٽين ۽ چوٿين رڪعت کان علاوه باقي سيني نمازن جي هر رڪعت ۾ اَلۡحَمد شريف پڙهڻ، سورت ملائڻ يا قرآن پاڪ جي هڪ وڏي آيت جيڪا ننڍين ٽن آيتن جي برابر هجي يا ٽي ننڍيون آيتون پڙهڻ (3) اَلۡحَمۡد شريف جو سورت کان اڳ

۾ پڙهڻ (4) اَلْحَمْد شريف ۽ سورت جي وچ ۾ ”آمين“ ۽ ”بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم“ کان علاوه ڪجھ بيو نہ پڙهڻ (5) قِراءَت کان پوءِ جلد رڪوع ڪرڻ (6) هڪ سجدي کان پوءِ بالترتيب ٻيو سجدو ڪرڻ (7) تَعْدِيلِ ارڪان يعني رُڪُوع، سجدن، قومہ ۽ جلسہ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ”سُبْحٰنَ الله“ چوڻ جيترو بيهڻ (8) قَومہ يعني رڪوع مان سڌو اُٿي بيهڻ (ڪجھ ماڻهو چيلھ سڌي ناهن ڪندا اهڙي طرح انهن جو واجب رهجي ويندو آهي) (9) جَلسَہ يعني ٻن سجدن جي وچ ۾ سڌو ٿي ويهڻ (ڪجھ ماڻهو جلد بازي جي ڪري سڌو ٿي ويهڻ کان اڳ ۾ ئي ٻئي سجدي ۾ هليا ويندا آهن، ائين انهن جو واجب ترڪ ٿي ويندو آهي، چاهي ڪيتري بہ جلدي هجي سڌو ٿي ويهڻ لازمي

آهي، نہ تہ نماز مڪروهِ تحريمي واجبُ الاِعاده ٿيندي) (10) قعدهءِ اُوليٰ (يعني پهريون قعدو) واجب آهي، جيتوڻيڪ نفل جي نماز هجي.

(دراصل ٻن نفلن جو هر قعدو ”قعدهءِ اَخِيره“ آهي ۽ فرض آهي، جيڪڏهن قعدو نہ ڪيو ۽ ٽيل ۾ اُٿي بيٺو تہ جيستائين ان رڪعت جو سجدو نہ ڪري موٽي اچي ۽ سجدهءِ سَهو ڪري) (بهارِ شريعت ج 1 حصہ 4 ص 712)

جيڪڏهن نفل جي ٽين رڪعت جو سجدو ڪري ورتو تہ چار پوريون ڪري سجدهءِ سهو ڪري. سجدهءِ سَهْوَ انهيءَ ڪري واجب ٿيو تہ جيتوڻيڪ نفل ۾ هر ٻن رڪعتن کان پوءِ قعدو فرض آهي پر ٽين يا پنجين (وعليٰ هٰذ القياس) رڪعت جو سجدو ڪرڻ کان پوءِ قعدهءِ اُوليٰ فرض بدران واجب ٿي ويو. (طحطاوي ص 466 ملخصًا) (11) فرض، وِتْر

۾ سنّتِ مُؤَڪَّدَه ۾ تَشَهُّد (يعني اَلتَّحِيّات) ڪان پوءِ
ڪجھ نہ وڌائڻ (12) ٻنهي قعدن ۾ ”تَشَهُّد“ مڪمل
پڙهڻ جيڪڏهن هڪ لفظ بہ رهجي ويو تہ واجب
ترڪ ٿي ويندو ۽ سجدهءِ سَهو واجب ٿيندو (13)
فرض، وِتر ۽ سنّتِ مُؤَڪَّده جي قعدهءِ اُولٰي ۾ تَشَهُّد
ڪان پوءِ جيڪڏهن بي خيالي ۾ ”اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰي مُحَمَّد
يا اللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰي سَيِّدِنا“ پڙهيو تہ سجدهءِ سَهو واجب ٿي
ويو ۽ جيڪڏهن قصداً پڙهيائين تہ نماز موٽائي
پڙهڻ واجب آهي.(درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 269) (14) ٻنهي
پاسي سلام ڦيرڻ وقت لفظ ”اَلسَّلامُ“ ٻئي ڀيرا
واجب آهي لفظ ”عَلَيْكُم“ واجب ناهي بلڪ سنّت
آهي (15) وِتر ۾ قنُوت لاءِ تڪبير چوڻ (16) وِتر ۾
دعاءِ قُنُوت پڙهڻ (17) عيدن جون ڇھ تڪبيرون

(18) عيدن ۾ ٻي رڪعت جي رڪوع لاءِ تڪبير ۽ ان تڪبير لاءِ لفظ "اَللّٰهُ اَكۡبَرۡ" هئڻ (19) جَهري نماز مثال طور مغرب ۽ عشاءَ جي پهرين ۽ ٻي رڪعت ۽ فجر، جمعي، عيدن، تراويح ۽ رمضان شريف جي وِتر جي هر رڪعت ۾ امام کي جَهر (يعني ايترو آواز جو گهٽ ۾ گهٽ ٽي ماڻهو ٻُڌي سگهن) سان قِراءَت ڪرڻ (20) غير جَهري نماز (مثال طور ظهر ۽ عصر) ۾ آهستي قِراءَت ڪرڻ (21) هر فرض ۽ واجب جو ان جي جاءِ تي هجڻ (22) رڪوع هر رڪعت ۾ هڪ ڀيرو ئي ڪرڻ (23) سجدو هر رڪعت ۾ ٻه ڀيرا ئي ڪرڻ (24) ٻي رڪعت کان اڳ ۾ قعدو نه ڪرڻ (25) چئن رڪعتن واري نماز ۾ ٽين رڪعت تي قعدو نه ڪرڻ (26) سجدي واري

آيت پڙهي وئي هجي ته سجدهءِ تلاوت ڪرڻ (27) سجدهءِ سَهُوَ واجب ٿيو هجي ته سجدهءِ سَهُوَ ڪرڻ (28) ٻن فرضن يا ٻن واجبن يا فرض ۽ واجب جي وچ ۾ ٽن تسبيحن جيترو (يعني ٽي ڀيرا سُبْحٰنَ الله چوڻ جيترو) وقفو نه هئڻ (29) امام جڏهن قِراءَت ڪري چاهي وڏي آواز سان يا آهستي آواز سان مقتدي جو خاموش رهڻ (30) قِراءَت کان سواءِ سڀني واجبن ۾ امام جي پيروي ڪرڻ.

(الفتاويٰ الهندية ج 1 ص 71، درمختار و ردالمحتار ج 2 ص 181)

## دُعاءِ قُنُوت

| |
|---|
| اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَسْتَعِيْنُكَ وَنَسْتَغْفِرُكَ وَنُؤْمِنُ بِكَ وَنَتَوَكَّلُ |
| اي الله! اسان توکان مدد گهرون ٿا ۽ توکان بخشش چاهيون ٿا ۽ توتي ايمان آڻيون ٿا ۽ توتي ڀروسو ڪيون ٿا |

عَلَيْكَ وَنُثْنِيْ عَلَيْكَ الْخَيْرَ وَنَشْكُرُكَ وَلَا نَكْفُرُكَ

ءِ تنهنجي تمام سٺي تعريف ڪريون ٿا ۽ تنهنجو شڪر ڪريون ٿا ۽ تنهنجي ناشڪري نٿا ڪريون

وَنَخْلَعُ وَنَتْرُكُ مَنْ يَّفْجُرُكَ ؕ اَللّٰهُمَّ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَلَكَ

۽ الڳ ڪريون ٿا ۽ ڇڏيون ٿا ان شخص کي جيڪو تنهنجي نافرماني ڪري. اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا

نُصَلِّيْ وَنَسْجُدُ وَاِلَيْكَ نَسْعٰى وَنَحْفِدُوَنَرْجُوْارَحْمَتَكَ

۽ تنهنجي لاءِ ئي نماز پڙهون ٿا ۽ سجدو ڪريون ٿا ۽ تنهنجي طرف ئي ڊوڙون ٿا ۽ خدمت جي لاءِ حاضر ٿيون ٿا ۽ تنهنجي رحمت جا اميدوار آهيون

وَنَخْشٰى عَذَابَكَ اِنَّ عَذَابَكَ بِالْكُفَّارِ مُلْحِقٌ ؕ

۽ تنهنجي عذاب کان ڊڄون ٿا بيشڪ تنهنجو عذاب ڪافرن کي ملڻ وارو آهي.

دعاءِ قُنوت کان پوءِ درود شريف پڙهڻ بهتر آهي. (غنية المتملي ص 417)

جيڪي دُعاءِ قُنوت نہ پڙهي سگهن اهي هي پڙهن

| |
|---|
| اَللّٰهُمَّ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِی الدُّنْیَا حَسَنَةً |
| اي الله عَزَّوَجَلَّ! اي ربّ اسان جا! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي |
| وَّ فِی الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ |
| ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ. |

يا هي پڙهو اَللّٰهُمَّ غْفِرْلِيْ (اي الله! منهنجي مغفرت فرماءِ)

(مراقي الفلاح مع حاشية الطحطاوي ص 385)

# دعاءِ تَراويح

| |
|---|
| سُبْحٰنَ ذِی الْمُلْكِ وَ الْمَلَكُوتِ ؕ سُبْحٰنَ ذِی الْعِزَّةِ |
| پاڪ آهي ملڪ ۽ ملڪوت وارو، پاڪ آهي عزت و |
| وَ الْعَظَمَةِ وَ الْهَيْبَةِ وَ الْقُدْرَةِ وَ الْكِبْرِيَاۤءِ وَ الْجَبَرُوْتِ ؕ |
| بزرگي ۽ جلال و قدرت وارو ۽ وڏائي ۽ جبروت وارو، |
| سُبْحٰنَ الْمَلِكِ الْحَيِّ الَّذِیْ لَا يَنَامُ وَ لَا يَمُوْتُ ؕ |
| پاڪ آهي بادشاه جيڪو زنده آهي، جيڪو نہ سمهندو آهي، نہ مرندو آهي، |
| سُبُّوْحٌ قُدُّوْسٌ رَّبُّنَا وَ رَبُّ الْمَلٰۤئِكَةِ وَ الرُّوْحِ ؕ |
| پاڪ مقدس آهي اسان جو رب، رب فرشتن ۽ روحن جو، |
| اَللّٰهُمَّ اَجِرْنِیْ مِنَ النَّارِ ؕ يَا مُجِيْرُ يَا مُجِيْرُ |

| |
|---|
| اي الله مون کي (جهنم جي) باهه کان نجات عطا فرما، اي نجات ڏيڻ وارا! اي نجات ڏيڻ وارا! |
| يَا مُجِيْرُ ۞ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ۞ |
| اي نجات ڏيڻ وارا! پنهنجي رحمت سبب اسان تي رحم فرما اي سڀ کان وڌيڪ رحم فرمائڻ وارا! |

## جنازي نماز جو طريقو

مقتدي هيئن نيّت ڪري مان نيّت ڪريان ٿو هن جنازي نماز جي واسطي الله عَزَّوَجَلَّ جي، دُعا هن ميِّت جي لاءِ، پنيان هن امام جي. (فتاويٰ تاتارخانيه ج 2 ص 153) هاڻي امام ۽ مُقتَدي پهريان ڪنن تائين هٿ کڻن ۽ الله اڪبر چوندي فوراً معمول مطابق دُن جي هيٺان هٿ ٻڌي ڇڏين ۽ ثنا پڙهن ان ۾ وَ تَعالٰي جَدُّکُ کان پوءِ وَ جَلَّ ثَنَاءُكَ وَلَآاِلٰهَ غَيْرُكَ پڙهن پوءِ بنا هٿ کڻڻ جي "اَللّٰهُ اَكْبَر" چون پوءِ درود ابراهيم پڙهن ۽

وري بغير هٿ کڻڻ جي "اَللّٰهُ اَکْبَر" چون ۽ دعا پڙهن (امام تکبيرون بلند آواز سان چوي ۽ مُقتدي آهستي باقي تمام اَذکار امام ۽ مقتدي سڀ آهستي پڙهن) دعا کان پوءِ "اَللّٰهُ اَکْبَر" چئو ۽ هٿ ڇڏي ڏيو پوءِ ٻنهي پاسي سلام ڦيري ڇڏيو.

(حاشية الطحطاوي ص 584)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جنازي نماز جا رکن

جنازي نماز جا ٻه رکن آهن: (1) چار ڀيرا "اَللّٰهُ اَکْبَر" چوڻ (2) قِيام (درمختار و ردالمحتار ج 3 ص 124)

## بالغ مرد ۽ عورت جي جنازي جي دعا

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِحَيِّنَا وَمَيِّتِنَا وَشَاهِدِنَا وَغَآئِبِنَا

| |
|---|
| الاهي عَزَّوَجَلَّ بخش اسان جي هر زنده کي ۽ اسان جي هر فوت ٿيل کي ۽ اسان جي هر حاضر کي ۽ اسان جي هر غائب کي |
| وَصَغِيْرِنَا وَ كَبِيْرِنَا وَذَكَرِنَا وَاُنْثٰنَا ؕ |
| ۽ اسان جي هر ننڍي کي ۽ اسان جي هر وڏي کي ۽ اسان جي هر مرد کي ۽ اسان جي هر عورت کي |
| اَللّٰهُمَّ مَنْ اَحْيَيْتَهٗ مِنَّا فَاَحْيِهٖ عَلَى الْاِسْلَامِ |
| الاهي تون اسان مان جنهن کي زنده رکين تہ ان کي اسلام تي زنده رک |
| وَمَنْ تَوَفَّيْتَهٗ مِنَّا فَتَوَفَّهٗ عَلَى الْاِيْمَانِ ؕ |
| ۽ اسان مان جنهن کي موت ڏين تہ ان کي ايمان تي موت ڏي. |

(المستدرک للحاکم ج 1 ص 684 حديث 1366)

## نابالغ ڇوڪري جي دعا

| |
|---|
| اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُ لَنَا فَرَطًا وَّاجْعَلْهُ لَنَآ اَجْرًا |

الاهي هن (ڇوڪري) کي اسان جي لاءِ اڳتي پهچي سامان ڪرڻ وارو بڻاءِ ۽ ان کي اسان جي لاءِ اَجر (جو سبب)

وَّ ذُخْرًا وَّ اجْعَلْهُ لَنَا شَافِعًا وَّ مُشَفَّعًا ط

۽ وقت تي ڪم اچڻ وارو بڻاءِ ۽ ان کي اسان جي لاءِ سِفارش ڪرڻ وارو بڻاءِ ۽ اهو جنهن جي سِفارش منظور ٿي وڃي.

## نابالغ ڇوڪريءَ جي دعا

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهَا لَنَا فَرَطًا وَّ اجْعَلْهَا لَنَآ اَجْرًا

الاهي عَزَّوَجَلَّ هن (ڇوڪريءَ) کي اسان جي لاءِ اڳتي پهچي سامان ڪرڻ واري بڻاءِ ۽ ان کي اسان جي لاءِ اجر (جو سبب)

وَّ ذُخْرًا وَّ اجْعَلْهَا لَنَا شَافِعَةً وَّ مُشَفَّعَةً ط

۽ وقت تي ڪم اچڻ واري بڻاءِ ۽ ان کي اسان جي لاءِ سفارش ڪرڻ واري بڻاءِ ۽ اها جنهن جي سِفارش منظور ٿي وڃي.

(مشڪواة المصابيح ج 1 ص 319 حديث 1675، الفتاويٰ الهندية ج 1 ص 164)

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | تَيَمُّم جا فرض | 20 |
| ايمان مُفَصَّل | 2 | اذان | 20 |
| ايمانِ مُجمَل | 2 | اذان جي جواب جو طريقو | 22 |
| ڇهه ڪلمان شريف | 3 | اذان جي دعا | 25 |
| پهريون ڪلمون طيب | 3 | نماز جو طريقو | 26 |
| ٻيو ڪلمون شهادت | 3 | ثناء | 28 |
| ٽيون ڪلمون تمجيد | 4 | نماز جا 6 شرط | 38 |
| چوٿون ڪلمون توحيد | 5 | نماز جا ست فرض | 39 |
| پنجون ڪلمون اِستِغفار | 6 | نماز جا 30 واجب | 39 |
| ڇهون ڪلمون رد ڪفر | 7 | دُعاءِ قُنوت | 44 |
| وضوءَ جو طريقو | 8 | دعاءِ تَراويح | 47 |
| وِضو جا چار فرض | 14 | جنازي نماز جو طريقو | 48 |
| غُسل جو طريقو | 15 | جنازي نماز جا رڪن | 49 |
| غُسل جا ٽي فرض | 16 | بالغ مرد ۽ عورت جي جنازي جي دعا | 49 |
| تَيمُّم جو طريقو | 16 | نابالغ ڇوڪري جي دعا | 50 |

# ماٰخذ ومراجع

| نام کتاب | مصنف | مطبوعہ |
|---|---|---|
| سنن الترمذی | امام ابوعیسیٰ محمد بن عیسی الترمذی ۲۷۹ھ | دارالفکر ۱۴۱۴ھ |
| سنن النسائی | امام احمد بن شعیب النسائی ۳۰۳ھ | دارالکتب العلمیہ ۱۴۲۶ھ |
| مشکوۃ المصابیح | امام محمد بن عبداللّٰہ التبریزی ۷۴۲ھ | دارالکتب العلمیہ ۱۴۲۴ھ |
| الفتاوی التاتارخانیہ | علامہ عالم بن علاء انصاری دہلوی ۷۸۶ھ | باب المدینہ کراچی ۱۴۱۶ھ |
| الدرالمختار | امام علاء الدین محمد بن علی الحصکفی ۱۰۸۸ھ | دارالمعرفۃ ۱۴۲۰ھ |
| ردالمحتار | امام محمد امین ابن عابدین الشامی ۱۲۵۲ھ | دارالمعرفۃ ۱۴۲۰ھ |
| غنیۃ المتملی | علامہ محمد ابراہیم بن الحلبی ۹۵۶ھ | لاہور |
| مراقی الفلاح معہ حاشیۃ الطحطاوی | علامہ حسن بن عمار الشرنبلالی ۱۰۶۹ھ | باب المدینہ کراچی |
| حاشیۃ الطحطاوی | امام السید احمد بن محمد الطحطاوی ۱۲۴۱ھ | باب المدینہ کراچی |
| الفتاوی الھندیۃ | علامہ نظام الدین الحنفی ۱۱۶۱ھ، وغیرہ | کوئٹہ ۱۴۰۳ھ |
| بہار شریعت | مفتی امجد علی قادری ۱۳۶۷ھ | مکتبۃ المدینہ کراچی ۱۴۲۹ھ |

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# سُنّت جون بهارون

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ عزوجل تبليغِ قرآن ۽ سُنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مھڪندڙ مدني ماحول ۾ بڪثرت سُنّتون سکيون ۽ سيکاريون وينديون آھن. اوھان کي به پنھنجي پنھنجي شھر ۾ **دعوتِ اسلامي** جي ٿيندڙ ھفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ سڄي رات گذارڻ جي مدني التجا آھي. عاشقانِ رسول جي **مَدَني قافلن** ۾ سنّتن جي تربيت جي لاءِ سفر ۽ روزانو **فڪرِ مدينه** جي ذريعي **مَدَني انعامات** جو رسالو ڀري ڪري ھر مھيني پنھنجي شھر جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شآءَ اللہ عزوجل ان جي برڪت سان پابندِ سنّت بڻجڻ، گناھن کان نفرت ڪرڻ ۽ **ايمان جي حفاظت** جو ذھن بڻجندو، ھر اسلامي ڀاءُ پنھنجو ھي مدني ذھن بڻائي ته ”**مون کي پنھنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻھن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آھي**“ اِن شآءَ اللہ عزوجل پنھنجي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **مَدَني انعامات** تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻھن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **مَدَني قافلن** ۾ سفر ڪرڻو آھي. اِن شآءَ اللہ عزوجل

| | | |
|---|---|---|
| مڪتبة المدينه : | فيضان مدينه آفندي ٽاؤن حيدرآباد | 022 _ 2620122 |
| مڪتبة المدينه : | فيضان مدينه بيراج روڊ سکر | 071 _ 5619195 |
| مڪتبة المدينه : | فيضان مدينه العطار ٽاؤن ميرپور خاص | 023 _ 3514672 |
| مڪتبة المدينه : | چڪرا بازار نواب شاھ | 024 _ 4362145 |
| مڪتبة المدينه : | فيضان مدينه عطار آباد (جيڪب آباد) | 072 _ 2710635 |
| مڪتبة المدينه : | فيضان مدينه مارڪيٽ روڊ دادو | 025 _ 4611541 |
| مڪتبة المدينه : | رابعه شاپنگ سينٽر فاروق نگر لاڙڪاڻو | 074 _ 4054191 |

مڪتبة المدينه جون مختلف شاخون


عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي

باب المدينه ڪراچي فون نمبر : 91 - 90 - 34921389 - 021